ڊاڪٽر مخمور بخاري

# يوسف يار نظارا اندر وچ۰۰۰۰

## (نانڪ يوسف بابت ٿيل تحقيق جو جائزو)


***Abstract:***

**The Analysis of research work about Nanak Yousif**

The Name of Sachal Sarmast is the most prominent name amongst the classical and Sufi poetry. He rebelled against prevalent poetic traditions and devised new traditions in poetry. His disciples and seekers also followed in his footsteps. Faqeer Nanak Yousif was Sachal's distinguished disciple and seeker, who not only received spiritual learning from him, but also adopted his poetic style. His poetry is based on *Tassawuff*. He does not accept the gap between the individual and Divine. His poetry though is composed according to musical melodies. He composed poetry in Sindhi, Seraiki, Hindhi, Rekhta and Balochi languages, mostly in the form of *Kafees* and *Baits*.

Nanak Yousif's poetry was firstly compiled by Dr. Tanveer Abbasi, who himself is a modern sindhi poet and a prominent researcher on Sachal Sarmast. The said anthology was published in the year 1983 which included reliable authentic information about the life of Nanak. After a lapse of 31 years, Dr. Abbasi got published a new edition of the anthology, and included newly discovered poetry as appendix.

In this paper, I am endeavoring to analyze scholarship of Dr. Tanveer Abassi about Nanak Yusif and suggesting other avenues of research in this regard .


**انسان** جي شعور جي تاريخ جا ورق ايترا ته آڳاٽا، گهرا ۽ اڻ مٽ آهن، جو اُن جا ڇڏيل نقش ڪنهن به صورت ۾ نه ته مَٽائي ٿا سگهجن نه ئي مِٽائي ٿا سگهجن. انسان جڏهن کان هن ڪائنات ۾ پنهنجي حيثيت کي سمجهيو، اُن ڏينهن کان هُن پنهنجي اظهار جا ڪيترائي روپ اختيار ڪيا. اهڙيءَ ريت سندس اظهار جا اِهي انداز درجي به درجي پنهنجي پٺيان گهرا نشان ڇڏيندا ويا. جنهن جي رهنمائيءَ ۾ پوءِ ايندڙ نسل اڳتي وڌندا رهيا آهن. ڪائنات جو هي ارتقاءَ وارو اصول اڄ به پنهنجي وجود اندر ڀرپور اهميت ۽ گهرائي رکي ٿو.





انسان جي ڇڏيل نقشن تي هلڻ جو رواج به انسان جي فطرت ۾ شامل آهي، ته ساڳئي وقت ان کان بغاوت جو رواج به ڪائنات جي هُن ارتقائي اصول جي روح موافق آهي. سو جڏهن هِن سڄي ڪائنات تي نگاهه وجهجي ٿي ته، هر لمحي هڪ نئون تضاد ڪائنات ۾ اُڀرندي نظر اچي ٿو، ۽ هر ٻئي لمحي اُن تضاد جي نتيجي ۾ وقتي طور طئيءِ ٿيل معاملن جي هڪ نئين صورت به نظر اچي ٿي. انساني ذهن ڪائنات جي هِن ظاهر ظهور وڏي ڳُجهه کي جانچڻ، پروڙڻ ۽ اُن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل معروضي ۽ نفسياتي حالتن بابت سوچيندو رهي ٿو ته، گڏوگڏ ڪائنات ۾ مقرر ٿيل انسان جي حيثيت، اهميت ۽ اُن جي ڪردار بابت پڻ سوچيو وڃي ٿو ته، آخر ڪهڙي سبب هن وسيع ڪائنات کي تخليق ڪيو ويو ۽ اُن ۾ ٻين مخلوقن سان گڏ رَب تعاليٰ پنهنجو پرتوو انسان جهڙي مخلوق کي بڻايو ۽ مٿس 'امامت' جو بار رکي سمورين مخلوقن ۾ اشرف بڻايو ويو.

هر خطي جي ڏاهن، انسان شناسن پنهنجي پنهنجي حالتن ۽ فهم مطابق ويهي ڪائنات جي هن سڄي سرشتي بابت پئي سوچيو آهي. ننڍي کنڊ جي اهڙي شعوري تاريخ ۾ جتي ٻيا ڪجهه نالا ڪٽي سگهجن ٿا. اُتي سنڌ جي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو اُن ڪري ٻنهه نرالو ۽ منفرد نظر اچي ٿو، جنهن پنهنجي دؤر ۾ خاموش بغاوت طور پنهنجي شاعريءَ جو تاڃي پيٽو پنهنجي دؤر جي حالتن ۽ پنهنجي ڪمال ذهانت سان ويهي اُڻيو آهي. هن مذهب، فرقي، رنگ، نسل، ذات پات کان مٿانهون ٿي انسان بابت ۽ هن ڪائنات ۾ انسان جي قائم ٿيل رُتبي بابت نه رڳو ويهي سوچيو، پر گڏوگڏ اُن جو اظهار انتهائي گهرائي، ڳنڀيرتائيءَ سان ويهي ڪيو آهي. هن جو هي انداز کيس هن کان اڳ پيدا ٿيل سمورن اهڙن ڏاهن ۾ منفرد ڪري بيهاريو، جن انسان ۽ ڪائنات بابت سوچيو آهي.

شاهه لطيف کان پوءِ سندس ننڍي همعصر سچل سرمست اُن جي رائج ٿيل روايتن کان اظهار جي حد تائين بغاوت ڪندي، کُلي عام ۽ ٻي ڊپائيءَ وارو هڪ نرالو انداز اختيار ڪيو، جنهن ۾ هن انسان ۽ خدا جي وچ واري وٿيءَ کي وڏي واڪي قبولڻ کان انڪار ڪيو. سچل جو اهو انداز ۽ ڍنگ پنهنجي دؤر جي حالتن مطابق اُگرو هوندي به عوام جي زبان بنجي ويو. اهڙي ريت سندس ذات جي چقمقي اثر هيٺ اسان سندس دؤر جا ڪيترائي ڏاها ڏسون ٿا، توڙي جو سچل ڪڏهن به مرشدي جي مسند تي نه ويٺو،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پر تنهن هوندي بہ سندس چوڌاري شاعرن، عالمن، حافظن ۽ ڏاهن جا شمع تي پروانن جيان ميڙ موجود هئا. انهن سمورن ساجاهہ وندن پنهنجي روحاني رهبر سچل جيان ويهي شاعريءَ کان تلوار ۽ ماڻهن جي ذهني تربيت وارو ڪم ورتو. تنهن ڪري انهن سمورن کي فقط شاعر نٿو چئي سگهجي. بلڪ اِهي ڏاها آهن، جن پنهنجي ڏاهپ مان اُهو ڪجهہ چڏيو، جنهن کي ساندڻ، سموهڻ ۽ عام ڪرڻ جو ذمو نہ فقط هِن دؤر جي ڏاهن تي واجب آهي، پر هِن وقت جي انتشاري حالتن ۾ اهو فڪر رهبري ۽ رهنمائي جو سبب پڻ بڻجي ٿو. ڇاڪاڻ جو اِن فڪر جو بنياد ڪائنات، انسان ۽ فقط انسان آهي!

جـي تـو ڄـاتو پـاڻ، تـہ آءٌ ٻيـو ڪـو آهيـان،
ڪنـدءِ غـرق گمـان، ڳـهلا انهـيءَ ڳالهـہ ۾.

ڇوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا.(سچل)

سچل سائينءَ جي اهڙن طالبن/ ٻالڪن ۾ فقير نانڪ يوسف جو نالو ڪانئس پوءِ جي شاعرن ۾ اُن ڪري بہ خاص اهميت رکي ٿو، جو هِن فقير جي ڪلام ۾ سچل سائينءَ جي فڪر جو ڀرپور عڪس پسي سگهجي ٿو. ساڳيو فڪر، ساڳيا خيال، ساڳيا گهاڙيتا، هنن ٻنهي شاعرن وٽ گهڻي حد تائين هڪ جهڙا آهن. نانڪ يوسف، سچل جي ئي اثر هيٺ رچي ريٽو ٿيو ۽ پوءِ جيڪو ڪجهہ پنهنجي زبان سان ظاهر ڪيائين، اهو ڪنهن بہ طرح پنهنجي هادي رهبر جي اثر کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو، پر تنهن هوندي بہ، نانڪ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي ڌار سڃاڻپ پڻ قائم رکي آهي، جنهن جو بنياد سندس شاعريءَ جي لفظي موسيقي آهي. دنيا جي ڏاهن جي اصول مطابق اُهو شعر زندهہ رهي ٿو، جيڪو عام جي دلين ۾ گهر ڪري وڃي ۽ شاعر کي اُن مقبوليت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هيٺين ٻن ڳالهين جو خاص خيال رکڻو پوي ٿو:

١. ٻوليءَ جو سادو، سلوڻو ۽ مترنم استعمال، ڇاڪاڻ تہ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ تي شعر جو جيڪو پهريون اثر ويهي ٿو، ان کي قائم ڪرڻ ۾ شعر جي زبان جو اهم ڪردار ٿئي ٿو. تنهن ڪري شاعر جيڪڏهن پنهنجي شعر جي زبان سادي، آسان ۽ عام فهم نہ اختيار ڪندو ۽ منجهس رواني، سلاست پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ لفظن جي خوبصورت چونڊ (جنهن جا آواز لسا ۽ دل لڀائيندڙ هجن) ۽ منجهس خوبصورتيءَ طور تشبيهن، استعارن ۽ ٻين شعري صنعتن جو بہ گهڻو مقدار اهڙي ريت استعمال





هيٺ آيل هجي، جنهن سان شعر ۾ لفظي موسيقي پيدا ٿيندي هجي.

٢. فڪري طور تي شاعر جو شعر عوام جي مسئلن، مامرن ۽ انهن جي حالتن سان سلهاڙيل هجي، جنهن ۾ سندن مذهبي، معاشي، سماجي، سياسي ۽ تهذيبي ۽ تمدني حالتن جي جهلڪ ۽ مسئلن جو حل ۽ انساني سياءُ موافق شاعر جو اظهار خاص اهميت رکي ٿو.

هنن ٻنهي مٿين اهم ڳالهين جي هجڻ ڪري ئي، ڪو شعر پنهنجي اندر ۾ آفاقيت پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ هو عام تائين پهچي ماڻهن جي دلين ۾ سمائجي زندهہ ٿي وڃي ٿو. نانڪ يوسف جو ڪلام پڻ انهن ٻنهي مٿين نقطن تي پورو لهي ٿو، تنهن ڪري ذري گهٽ ١٦٤ سال گذرڻ کان پوءِ بہ فقير سائينءَ جي ڪلام جي اهميت ۽ مقبوليت ۾ واڌارو ٿيندي ئي نظر اچي ٿو.

من تانگهہ لڳي من تانگهہ لڳي، واري جاوان سڄڻان دي،
فرقــت فرقــت ريــن پــاوت، درســن ديــاوت ديــا.
لرج لرج موري هينئڙو ماهين، گرج گرج تن برهين باهين،
سمرت سمرت امرت امرت، پاوت گاوت پريم پديا.
نڪ نڪ نينڪ عين پياري، جهمڪن ڊمڪن درد بيچاري،
برشـت برشـت ابـر عنايـت، کهـاهي يوسـف پيـا.[1]

فقير نانڪ يوسف جي ڪلام جي ڇپائيءَ تي پهريون پيرو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ڌيان ڏنو، جنهن صاحب لڳ ڀڳ اَٺَن قلمي نسخن جي مدد سان نانڪ يوسف جو رسالو ترتيب ڏنو، جنهن ۾ سنڌي، سرائڪي، ريختو، هندي ۽ بلوچي زبان ۾ چيل نانڪ يوسف جو ڪلام سهيڙي، سموهي، سڌاري ۽ تمام گهڻي محنت سان ترتيب ڏئي، سال ١٩٨٣ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جي منڍ ۾ ڊاڪٽر صاحب ڀرپور علمي مقدمو پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ نانڪ يوسف جي زندگيءَ جي احوال کان وٺي وفات ۽ سندس شاعريءَ بابت تفصيل سان گفتگو ڪئي وئي. هن مواد پهريون دفعو ڇاپي صورت ۾ فقير نانڪ يوسف بابت پڌرو ٿي علمي، ادبي حلقن ۾ وڏو مان حاصل ڪيو. ڇاڪاڻ جو هي پهريون پيرو هو جو نانڪ يوسف جي زندگيءَ جون حالتون ۽ وڏي حد تائين سندس ڪلام ڇپجي پڌرو ٿيو. لڳ ڀڳ ٣١ سالن بعد راقم جي ذاتي دلچسپيءَ سبب، هي رسالو ساڳئي اداري طرفان جولاءِ ٢٠١٤ع



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ڀيهر پڌرو ٿيو. جنهن ۾ راقم، نانڪ يوسف جو هٿ آيل سنڌي، سرائڪي، ريختو ۽ هندي ڪجھ وڌيڪ ڪلام هن نئين ڇاپي ۾ ضميمي طور شامل ڪيو آهي. ساڳئي وقت نانڪ يوسف بابت ميان محمد موسيٰ ولد محمد عثمان سومري جي لکيل پهرئين دستاويز کي پڻ ضميمي طور داخل ڪيو آهي. موسيٰ سومري وارو هيءُ قلمي مواد شروعات ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪجھ ضروري سڌارن سان سنڌالاجيءَ جي تحقيقي جنرل 'علمي آئيني' ۾ سال ١٩٧٣ع ۾ شايع ڪيو، جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي مقدمي ۾ بنيادي ماخذ طور شامل رکيو. هت مختصر طور نانڪ يوسف جي ڪلام جي انهن سمورن ماخذن جو تعارف پيش ڪرڻ ڪو اجايو نہ ٿيندو، جيڪي ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ راقم هن علمي ذخيري کي سهيڙڻ جي دؤران پنهنجي سامهون رکيا آهن، تہ گڏوگڏ هن گفتگوءَ کان پوءِ اسان اهو بہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ اڃا فقير سائينءَ بابت ڪهڙا رخ تحقيق جي دائري ۾ نہ اچي سگهيا آهن يا ڪهڙن پهلوئن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن کان اڳ سنڌ ۽ هند جي نامياري عالم ۽ محقق ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، نانڪ يوسف بابت ورهاڱي کان گهڻو اڳ لڳ ڀڳ ١٩٢٢ع ۾ هڪ اهم ڪتاب 'نانڪ يوسف' جي نالي سان لکيو. جنهن ۾ نانڪ يوسف، درازا، نانڪ ڪيئن؟، سنڌ صوفي ترويڻي، دين مذهب، نانڪ يوسف جو شعر، مسئلي حال (انپئي احوال)، درد چڙهائي چاڙهي، حيرت ۽ حق، ايڪو، شاديءَ جو شان، عشق، حُسن، نانڪ يوسف جي ٻاڻي، گرڪي ٻاڻي ۽ ٻاڻي هنن ننڍن ننڍن عنوان هيٺ فقير سائينءَ جي زندگي، فڪر بابت گفتگو ڪرڻ سان گڏوگڏ موضوع وار سندس ڪلام جون ستون پڻ ترتيب ڏنيون ويون آهن. هي ڪتاب دادا ڄيٺمل جي دنيا ڇڏڻ کان گهڻو پوءِ يعني ويجهي دؤر ۾ اپريل ٢٠٠٧ع ۾ سنڌ ۽ هند جي نامياري عالم 'نند ڇڳاڻي' جي ذاتي دلچسپيءَ سبب سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. هي محنت پڻ فقير نانڪ بابت لکڻ ۽ پڙهڻ جي حوالي سان خاص ڌيان لهي ٿي.

**١. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جا استعمال ڪيل قلمي ماخذ:**

ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪلام جي سهيڙ دوران جيڪي قلمي بياض پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي هيٺ آندا انهن جو تعارف هن طرح ڪرائي ٿو:

i. **”ماستر محمد موسيٰ سومري جو بياض:**





هي بياض سن ١٩٠١ع ڌاري لکيو ويو، جيڪو زبون حالت ۾ محترم خادم حسين عباسيءَ کان ڊاڪٽر تنوير تائين پهتو. هي بياض ۴١٣ صفحي کان شروع آهي ۽ اڳيان ورق قاتل اٿس. هن بياض ۾ نانڪ يوسف کان سواءِ ٻين شاعرن جهڙوڪ: شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، شاهه نصير، روحل فقير، دريا خان، مراد فقير، صوفي خير محمد هيسباڻي، عثمان سانگي، چتو سانگي، غلام حيدر شر، مينگهو شر، قائم فقير شر ۽ ڪيترن ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ آهي.

ii. **ماستر عبدالوهاب شر وارو نسخو:**

هي نسخو ماستر درگاهي فقير چني ١٣۵٩هه (١٩۴٠ع) ۾ لکيو. هن نسخي ۾ ڪل ۵٣۵ ڪافيون آهن. هن نسخي جا بہ پهريان ورق قاتل آهن ۽ ڪافي نمبر ١۵۴ کان شروع ٿئي ٿو. هن ۾ ڪتابت جون ڪيئي چڪون آهن.

iii. **غلام علي مغل وارو نسخو:**

هي نسخو خليفي هادي بخش شڪارپوريءَ واري نسخي تان اُتاريل آهي، جيڪو سڀ کان آڳاٽو ۽ معتبر نسخو هو. ان ڪري اهو نسخو نانڪ يوسف جي ڪلام جو صحيح ۽ معتبر ماخذ آهي. اهو نسخو ١٩٢٧ع ۾ اتاريو ويو.

iv. **خادم حسين عباسيءَ وارو نسخو:**

هي نسخو فقير خدا بخش عباسيءَ جي نسخي تان ورتل آهي، جيڪو سندس پوٽي خادم حسين عباسي اتاريو. خادم حسين عباسي، نانڪ يوسف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو آهي ۽ ڪيس نانڪ يوسف جو اڪثر ڪلام برزبان ياد آهي. ان ڪري هي نسخو بہ ڀروسي جهڙو تصور ڪيو وڃي ٿو.

v. **عبدالرحمان تنئي وارو نسخو:**

هن نسخي تي ڪافي محنت ٿيل آهي ۽ محترم عبدالرحمان تنئي سنڌي، سرائڪي ۽ ريختو ڪلام ڌار ڪري لکيو آهي ۽ روايتن تي مشتمل سوانح عمري پڻ لکي آهي. پر هن نسخي ۾ ڪلام گهٽ آهي.

vi. **عطا محمد حاميءَ وارو نسخو:**

هي نسخو هوبهو عبدالرحمان تنئي واري نسخي جهڙو آهي ۽ ڪلام پڻ ساڳي ئي نموني ترتيب ڏنل آهي.

vii. **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو گڏ ڪيل مواد:**



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيترن ئي ڪافين کي فقير خدا بخش عباسيءَ واري نسخي تان سوڌي سنواري لکيو آهي. جيڪو مواد محترم خادم حسين عباسيءَ ۽ ماسٽر محمد بخش سومري، ڊاڪٽر تنوير تائين پهچايو.

**viii. ماسٽر محمد حسين پنيءَ وارو بياض:**

هي بياض بہ ڪافي پراڻو ٿو ڀانئجي ۽ ان تي تاريخ لکيل ڪانہ آهي. ان ۾ نانڪ يوسف، هيمن، بيدل ۽ ٻين سچل سرمست جي طالبن جو ڪلام آهي.[٢]

**٢. ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جا استعمال ڪيل قلمي ماخذ:**

**i. ”نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو:**

ڊاڪٽر نواز علي شوق وٽان مليل هن نسخي ۾ فقط نانڪ يوسف جو ئي ڪلام گڏ ٿيل آهي، جنهن ۾ ٦٣ سنڌي بيت، ١٠٧ سرائڪي ڏوهيڙا، ١٨٣ سنڌي ۽ ٢٥١ سرائڪي ڪافيون، ٤٩ سبد / شبد هندي ۽ ٣٣ ريختي ۽ سنڌي ۾ مداح ۽ منقبت بہ موجود آهي. جڏهن تہ ١٠٢ سنڌي ڪافيون نسخي جي ختم ٿيڻ بعد ٻيهر شامل ڪيون ويون آهن. سبد / شبد هندي جي عنوان هيٺ هن نسخي ۾ اهڙو بہ ڪلام شامل آهي جيڪو ڊاڪٽر تنوير واري ڇاپي رسالي ۾ ريختا طور شامل آهي جنهن جو تعداد ٤٣ آهي. هن نسخي ۾ فقير نانڪ يوسف جي نالي سان ٣ فارسي غزل پڻ شامل آهن. جڏهن تہ هن نسخي ۾ فقير صاحب جو جهجهو ڪلام ڏسجي ٿو.[٣]

هن نسخي ۾ ڪن جاين تي خادم حسين عباسي جو نالو يا ١٩٦٠ع جو سنہ لکيل آهي، درحقيقت هي اهو ئي ساڳيو نسخو آهي جنهن جو ذڪر اسان ڊاڪٽر تنوير جي ماخذن ۾ نمبر چوٿين تي ڪري آيا آهيون. هن ۾ ڪجھ اهڙو ڪلام بہ آهي جيڪو ڊاڪٽر تنوير اڳ ۾ پنهنجي سهيڙ ۾ شامل نہ ڪري سگهيو، ان لاءِ محترم خادم عباسي زباني روايت ڪري ٿو تہ: ”مذڪوره نسخو وٽس ئي پيل هو ڊاڪٽر صاحب واري سهيڙيل مواد کي مون ئي (خادم) هن نسخي سان ڀيٽيو ان مان جيڪو ڪلام ڇپجڻ کان رهجي ويو اهو سندس ئي نظر جي ڀُل چڪ هئي.“

اول ۾ راقم کي هن ڳالھ جي ڄاڻ نہ هئي تنهن ڪري ڪلام جي ٻئي ڇاپي جي ضميمي ۾ ان نسخي لاءِ اهو خيال ظاهر ڪيو ويو تہ شايد هي مواد بعد ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ ڊاڪٽر تنوير تائين پهتو ئي ناهي. بهرحال هي مواد گهڻو اهم آهي هن ۾ ڪن جاين تي پڙهڻيون بہ جدا آهن.





**ii. ”سيد عطا حسين شاهہ موسوي جو گڏ ڪيل نانڪ يوسف جي ڪافين جو ذخيرو:**

سنڌ جي نامور تعليمدان، اديب ۽ محقق سيد عطا حسين شاهہ موسوي، نانڪ يوسف جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ورتي. سندن لائق پوٽي محقق ۽ اديب انجنيئر سيد عبدالحسين شاهہ موسوي وٽان سائين جي گڏ ڪيل ڪافين جا رهجي ويل اٺهٺ صفحا مليا، جن جي هرهڪ صفحي تي هڪ هڪ ڪافي اُتاريل آهي، جيڪي پنجونجاهہ صفحي نمبر کان شروع ٿي هڪ سؤ ڇويهہ (١٢٦) تائين پهچن ٿا. شروعات ۽ پڇاڙيءَ وارا باقي صفحا غائب آهن، هن ذخيري ۾ ٢٧ سنڌي، ٢٥ سرائڪي ۽ هڪ بلوچي ڪافي شامل آهن جڏهن تہ ٨ ريختا ۽ ٦ هندي ڪلام بہ موجود آهن. هن ذخيري مان هڪ ريختي ڪلام اهڙو مليو جيڪو اڳ ڪتاب ۾ شامل ناهي.“[٤]

**iii. محمد پنهل ڏهر جي تحقيق:**

هن تحقيق ۾ ٽن قلمي بياضن ۽ هڪ ڇاپي ڪتاب مان لاڀ پرائيندي ناميار محقق محمد پنهل ڏهر ڪتاب ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل پنج سنڌي ۽ ٻارنهن سرائڪي ڪافيون منظر تي آنديون آهن، ڏهر صاحب جن نسخن مان لاڀ پرايو آهي، اُهي آهن: ”(١) قلمي بياض، مرتب: قمر الدين ڪلوڙ شهيد (مريد درگاهہ پرچوندي شريف لڳ ڏهرڪي) هن بياض ۾ فقير سائينءَ جون ٣ سنڌي ۽ ٥ سرائڪي ڪافيون نيون آهن جيڪي اڳ ڇاپي رسالي ۾ شامل نہ آهن، (٢) درگاهہ پرچوندي شريف تي رکيل ڪافين جي هن قديم بياض ۾ ٤ سرائڪي ڪافيون نيون آهن، (٣) قلمي بياض، مرتب: عالم سيده خاتون (مريدياڻي درگاهہ راشديہ پير ڳوٺ) هن ۾ فقير سائينءَ جون ٻہ سنڌي ۽ هڪ سرائڪي ڪافي نئين آهي، (٤) ڪافيون (جلد پهريون)، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٨٢ع، هن ڪتاب ۾ فقير نانڪ يوسف جي هڪ سرائڪي ڪافي نئين آهي.“[٥]

**ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي جو تعارف:**

ڊاڪٽر تنوير عباسي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت رکندڙ آهي هن جو شاعراڻو اسلوب توڙي عالمانہ سوچ نہ رڳو سندس مقبوليت جو سبب آهي پر گڏوگڏ ڊاڪٽر صاحب، سچل سرمست ۽ اُن جي سلسلي جي شاعرن بابت جيڪا علمي تحقيق



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پيش ڪئي، سا بہ مان لهڻي. سندس اهڙي علمي ۽ تحقيقي ڪاوشن مان 'نانڪ يوسف جو ڪلام' بہ هڪ خاص اهميت رکي ٿو، جنهن ۾ نانڪ يوسف جو مختلف زبانن ۾ چيل ڪلام پهريون پيرو هيڪاندو ٿي پڌرو ٿيو. جنهن جي مقدمي ۾ ڊاڪٽر صاحب، نانڪ يوسف بابت ننڍا ننڍا عنوان قائم ڪري اُن جي زندگي، دؤر ۽ شاعريءَ بابت ڀرپور ڄاڻ ڏني آهي، اهڙن عنوانن ۾: خاندان ۽ ڄمر، ننڍپڻ، تعليم، والد جي وفات ۽ تدريس جو مشغلو، جواني ۽ چلا، سچل سرمست سان ملاقات، ميرن سان تعلق، نانڪ جو لقب ملڻ، امرتسر جو سفر، نانڪ يوسف جي شخصيت، نانڪ يوسف جا صحبتي، نانڪ يوسف جا طالب، نانڪ يوسف جي وفات، نانڪ يوسف جون شاديون، نانڪ يوسف جو اولاد ۽ شجرو، نانڪ يوسف جي گادي، نانڪ يوسف جو ميلو، سياسي حالتون، ادبي ماحول، نانڪ يوسف جي شاعري، سچل سرمست جو اثر، سياسي حالتن جو اثر ۽ شعري خصوصيتون شامل آهن. متن ۾ ٦١ سنڌي بيت، ١٨٢ سنڌي ڪافيون، ١٣٥ سرائڪي ڏوهيڙا، ٢٦٤ سرائڪي ڪافيون، ٧٥ ريختو ۽ هندي ڪلام، هڪ بلوچي ڪافي ۽ ٥٦ هندي ٻاٽيون شامل آهن.

هن ترتيب ۾ ڊاڪٽر صاحب مختلف قلمي نسخن کي پيٽڻ کان پوءِ ڪلام جي صحت کي تڪي توري پيش ڪيو آهي، جنهن سبب هن وقت تائين فقير سائينءَ جي گهڻي تڻي ڪلام جي پڙهڻين بابت ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ واريو ويو آهي. ترتيب جي حوالي سان ڪجهہ اوڻايون پڻ رهجي ويون آهن، جنهن مطابق پهرئين ڇاپي ۾ سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ ٥٥ ريختا يعني هندي ڪافيون آيل آهن جڏهن تہ هڪ ريختا ڪافي 'گُهند ڪول مُک درسن وڪا.....' سرائڪي ۽ ريختا ڪافين ۾ ٻنهي هنڌن تي آيل آهن. جڏهن تہ بلوچي ڪافيءَ کي ريختا ڪافين جي حصي ۾ شامل ڪيو ويو هو، جنهن کي ڪو جدا عنوان ڏئي نہ رکيو ويو. راقم نئين ڇاپي ۾ انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪئي ۽ ضميمي ۾ لڪيل پنهنجي نوٽ ۾ اهڙي وضاحت پڻ ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڇاپي متن ۾ لڪيل سرائڪي ۽ ريختا ڪافي وارن حصن ۾ حاشيا جيڪي راقم ڪتاب جي پروفن دؤران تہ لکيا پر ڇپجي آيل ٻئي ڇاپي ۾ ترتيب جي اوڻاين بابت اهي حاشيا شامل نہ هئا، جنهن جي ذميواري اداري تي اچي ٿي. هت انهن سرائڪي ڪافين ۾ رکيل ٥٥ ريختا ۽ هندي ڪافين جا ٿلهہ رڪارڊ جي درستگيءَ خاطر شامل ڪجن ٿا.





| | |
|---|---|
| ١. هم گروجي هم گيان، نانڪ لڇمڻ ميرا نام | ص ١٩٧ |
| ٢. وهہ ديکا هي اسرار برهہ بازار، تماشا پل پل ڪا وهہ وا | ص ١٩٨ |
| ٣. لک لک بيک بناويگا، اپني ذات متاويگا | ص ٢٠٠ |
| ٤. هي هرجا حڪم تمهارا، سڻ هادي حال همارا | ص ٢٠١ |
| ٥. يهي آدم ڪس ڪو نام، مولا ڪون ڪهاويگا | ص ٢٠٦ |
| ٦. تال پخالي آيا هي وت، رنگ بيرنگي آيا هي | ص ٢٠٨ |
| ٧. ڪڏان سوبرها مست خيالي، ڪڏان سو مسڪين چالي وهوا | ص ٢٠٩ |
| ٨. پون بوراق اوپر هسواري، ڪيلت ڪيل مئن ڪرتي هون | ص ٢٠٩ |
| ٩. پون بوراق ڊوڙايا عشقي، پاس ميري خوش آيا هي | ص ٢١٠ |
| ١٠. عشق جاڳايا برهہ جاڳايا، آپ جڳايا درسن پايا | ص ٢١٦ |
| ١١. عشق ڪا واپار ڪرلي پائي، تم ات ڦرنا ڦرنا آوسين | ص ٢١٧ |
| ١٢. رب هئہ رب هئہ رب هئہ، اس ڪي تعريف ڪهون مئن | ص ٢٢٣ |
| ١٣. هم خدا ۾ گم خدا هم ۾ درد ديوان هي | ص ٢٢٧ |
| ١٤. يا خدا تيري خدائي ديک دل حيران هي | ص ٢٢٨ |
| ١٥. سنو ايڪ بات برهي ڪي، برهہ ڪا پنت اپارا هئي | ص ٢٣٥ |
| ١٦. دين اسلام ديکا ميري پائي، ڏوهہ ثواب سيي احوال | ص ٢٣٥ |
| ١٧. خبر سو ڪؤن لي آويگا، عشق الله اسرار درد بن | ص ٢٣٩ |
| ١٨. دين مذاهب ڪو ڪي جانون ڪيسو همرو ڪام هئہ | ص ٢٣٩ |
| ١٩. اوران نون ڪي سمجها ويگا، سمجها ويگا من لاويگا | ص ٢٥٥ |
| ٢٠. جسني بارا چايا هئي، عيبدار گنهگارون ڪا | ص ٢٦١ |
| ٢١. من صاحب ڪي سات رلٽا، هو سات رلٽا | ص ٢٦٤ |
| ٢٢. عشق امام همارا هئہ، هم دو جڳ يار نظارا هئہ | ص ٢٧٣ |
| ٢٣. عشق بهاري ري من ميرا | ص ٢٧٣ |
| ٢٤. ڪي ڪرون مين ديناري، رام سين دم رام هي | ص ٢٧٨ |
| ٢٥. چلو تا چليئي مارو راج | ص ٢٨٤ |
| ٢٦. جو مين محبوب بيرنگي، بهر صورت سجاتا هي | ص ٢٩١ |
| ٢٧. جائو ري شتاب جائو، پيتم ڪي پار ڪي | ص ٣١٣ |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۲۸. ڪر ڪا سجن هماري، ڪاري خدا ڪي واسطي — ص ۳۱۴
۲۹. آن مرد قباش، بهر ڪوش آيا هي — ص ۳۱۵
۳۰. مجهه سين بتاتا هي صنم، نؤ نؤ ڳوڙهي نين — ص ۳۱۵
۳۱. دم عاشقون ڪا درد ۾، آرام رام هي — ص ۳۱۶
۳۲. ديدار تو اسرار، مجهي دل آرام هي — ص ۳۱۷
۳۳. اپني آپ ۾ آيا نهين، ڪوئي دوسرا جانو — ص ۳۱۷
۳۴. دم دم ڏمال دم ڪي، ڪرتي نہ فراموش — ص ۳۱۸
۳۵. ڪيسا سواد پايا، خاڪي ڪي گل چمن ۾ — ص ۳۱۸
۳۶. ڪيفي ڪمال تيريان، نينان بيرنگ رنگ — ص ۳۱۹
۳۷. سمجهه ڪي فنا، تہ رهو برهہ بقارا — ص ۳۱۹
۳۸. جانتا هي آپ سجن، درد ڪي ديوانگي — ص ۳۲۰
۳۹. هڪ دن مولا ڪي نام، درسن وڪا جاني — ص ۳۲۱
۴۰. بيخبر هو هوڪي رهنا، معشوقان دي نال پلاجي — ص ۳۲۱
۴۱. دم دم هي دم هي دم هي، جي بادشاهہ تماري بدن — ص ۳۲۲
۴۲. نظر اندر گم هو جاوتي، صورت محبوب ۾ — ص ۳۲۲
۴۳. دم آدم اضطراب هي، ڪو گهتي وڃاٽا يار سياٽا — ص ۳۲۳
۴۴. آئوسي ڪبي ڊوليا، سچي ڪهو ڪانگا بات هم سين — ص ۳۲۴
۴۵. رقيبان ۾ پڙا روالا، تنهان گهر گهاٽ ۾ بولا — ص ۳۲۵
۴۶. ڪُڇ نهين بازي دنيا ڪي، توري ڪاڇي لاري — ص ۳۲۵
۴۷. محبت من اندر مولا ڪ راڪو، پريم راس چاڪو — ص ۳۲۶
۴۸. هماري يار ڪي بولا، ڪهوري قاصد تم ني ڪهو — ص ۳۲۶
۴۹. يقين ڪر عشق چوگان ۾، بيادر بار ميدان هي — ص ۳۲۷
۵۰. دين عشقا تارتا، هور ديني‍داري چہ ڪاري — ص ۳۲۸
۵۱. تجهه بن ڪؤن ڪريگا، ميري مددگاري مصطفيٰ ﷺ — ص ۳۲۸
۵۲. بڙي بڙي تقصيروار هون، بڙي بڙي مئن عيبدار جي — ص ۳۳۰
۵۳. ڏاڍا برهہ پاڪندي هي، آپ وچون جو ڪڍڪي ديڪا — ص ۳۳۰
۵۴. مين حسن شهباز ڪي، دروازي ڪا غلام هونءَ — ص ۳۳۱





۵۵. هم جيسا ملڪون ۾ پائي، نهين ڪو گنهگار — ص ۳۳۱

ڊاڪٽر تنوير عباسي، فقير سائينءَ جي ڪلام جي ترتيب خبر ناهي ڪهڙي انداز سان رکي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ نانڪ يوسف جو ڪلام مڪمل طرح موسيقيءَ سان پُر آهي، تنهن ڪري ان جي ترتيب بہ مختلف راڳ، راڳڻين جي بنياد تي رکڻ کپندي هئي. جڏهن تہ ڊاڪٽر صاحب مقدمي ۾ فقير جي ڪلام ۾ موسيقي جو خوب ذڪر ڪيو آهي. موسيقي جي هڪ انداز 'نرت — تال' جي حوالي سان لکي ٿو:

"نانڪ يوسف جي ڪلام ۾ شاعراڻي موسيقيءَ جو هڪ عجيب ۽ نادر قسم ٿو ملي، جيڪو ڪانئس اڳ توڙي پوءِ جي شاعرن ۾ موجود ڪونهي، البت سچل جي شاعريءَ ۾ ان جا ڪجهہ اُهڃاڻ ملن ٿا. اهو آهي 'نرت — تال'."[6]

پنهنجي ڳالهہ وزنائتي ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب، فقير نانڪ جي ڪافين جا ڪيترائي مثال بہ پيش ڪيا آهن، جن مان موسيقيءَ جو ڀرپور تاثر ملي ٿو.

ميان محمد سومري سڀ کان اول اندازاً ۱۹۰۰ع ۾ فقير نانڪ يوسف متعلق تحريري دستاويز جوڙيو، جنهن ۾ پڻ فقير جي موسيقيءَ بابت لکي ٿو: "فقير صاحب علم موسيقي جو اصول برقرار رکيو آهي؛ يعني راڳ جي ارتقا موجب آوازن جي ڊگهائي ۽ گهٽتائيءَ تي شعر جو قافيو ۽ رديف رچيو اٿس."[7]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪتاب 'سنڌي موسيقي جي تاريخ' ۾ ڪيس ڪلاسيڪي راڳ جي حوالي سان ذڪر هيٺ آڻيندي، سندس سُرن جو تعداد ٽيهہ ڄاڻايو آهي، جيڪي هي آهن: روپ تلنگ، ڪلياڻ يا درٻاري، نٽ، ڪوهياري، سورٺ، برهہ يا بلاولي، آسا، بروو سنڌي، ڊوليہ، مالڪوس، بلاولي، گجري، ڪاريهر، سارنگ، پهاڙي، بلاولي ڪنيات آميز، جين آميز جهنگلو، ڌناسري، جين، پِيلو، جوڳ، وهاڳڙو، سسئي، ديسي، پهاڙي بطرز هوري، جهنگلو، بروو، مقامي، پيرو، جين شڌ[8]، جنهن مان ۹ سُر شاهہ لطيف وارا ۽ ۸ سُر سچل سائين جي ڪافين جا آهن ۽ ۱۳ سُر نانڪ يوسف يا تہ پنهنجا متعارف ڪرايا آهن، يا مختلف راڳ، راڳڻين جي آميزش سان جوڙيا آهن. ساڳي ريت سال ۱۹۸۵ع ۾ ڊاڪٽر بلوچ، ڪتاب 'ڪافيون' (جلد ٻهريون) ۾ نانڪ يوسف جون ٻارنهن ڪافيون شامل ڪيون آهن جن مٿان بہ راڳن جا روپ لکيا ويا آهن.[9] ان کان سواءِ فقير جي جوڙيل وڌيڪ راڳن مثال: آسا آميز گجري بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي.[10] ڊاڪٽر بلوچ، ڪتاب 'موسيقي جي تاريخ' ۾ سندس ڇيل هڪ 'شيءِ' ۽ 'ترانو' نموني



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

خاطر پڻ ڏنو آهي.[11] ساڳي طرح راقم وٽ موجود 'نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي' ۾ پڻ ڪافين مٿان راڳ لکيل آهن.

ممڪن آهي تحقيق دوران ڊاڪٽر تنوير عباسي جي سامهون نانڪ يوسف جي ڪلام جا جيڪي قلمي بياض رهيا هوندا، انهن ۾ پڻ مختلف راڳ، راڳڻيون لکيل هجن.

**ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ راقم جا شامل ڪيل ضميما:**

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو هيءُ پورهيو گهڻن حوالن سان اهميت رکندڙ آهي، پر تحقيق ۾ ڪجھ به آخري حرف ثابت نه ٿو ٿئي، تنهن ڪري تحقيق جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ راقم هٿ آيل ڪجھ وڌيڪ قلمي نسخن جي مدد سان (جن جو تعارف مٿي ڏنو آيا آهيون) ڇاپي نسخي جي ٻئي ايڊيشن ۾ ڪجھ وڌيڪ ڪلام شامل ڪيو آهي. ضميمي نمبر ۱ ۾ 'نانڪ يوسف جو ڪلام ۽ واڌارو' جي عنوان هيٺ ضميمي شامل ڪرڻ جي اهميت، پهرئين ڇاپي ۾ ترتيب جي اوڻاين ۽ استعمال هيٺ آيل قلمي ماخذن جو تعارف ۽ ضميمي ۾ شامل ڪيل ڪلام بابت بنھ مختصر ڳالھ ٻولھ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته ضميمي ٻئي ۾ نانڪ يوسف جا ۱۰ سنڌي بيت، ۱۳ سنڌي ڪافيون ۽ سچل سرمست جي نذر هڪ سنڌي منقبت، ۲ سرائيڪي ڏوهيڙا، ۲۴ سرائيڪي ڪافيون، ۴ ريختا ۽ هندي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي، جنهن جي صحت بابت پڻ حتمي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ضميمي ۳ ۾ ميان محمد موسيٰ سومري وارو 'علمي آئينو' (۱۹۷۳ع) ۾ شايع ٿيل تحريري دستاويز پڻ شامل ڪيو ويو آهي.

جيئن اڳ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته تحقيق ۾ ڪجھ به حرف آخر ناهي، تنهن ڪري فقير نانڪ يوسف بابت هن سموري تحقيق کان پوءِ به جيڪي رخ تحقيق طلب آهن، انهن ۾:

• فقير نانڪ يوسف جي سوانح جي حوالي سان اسان جي تحقيق جو بنياد فقير ميان موسيٰ سومري جو لکيل دستاويز آهي. جڏهن ته همعصر دؤر جي ٻين ماخذن ڏانهن پڻ نگاھ ڪرڻ گهرجي جن ۾ درازي شاهن، کهڙا شريف جي مخدومن، پير ڳوٺ جي پاڳارن، ميرن بادشاهن ۽ انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ وارن ابتدائي ماخذن مان پڻ لاڀ پرائڻ گهرجي.





• نانڪ يوسف جي صحبتي يعقوب فقير جتوئي، شير علي پنيري، فقير قادر بخش بيدل، گهرام فقير جتوئي، محمد صالح پٽي دونهي واري، محمد صديق، حاجي عثمان چاڪي، فقير محمد صالح لاڙڪاڻي واري، مخدوم عبدالخالق کهڙن واري ۽ شادي شهيد بابت جدا جدا جاين تي مختلف عالمن لکيو آهي، پر انهن سمورن بزرگن جي نانڪ يوسف سان تعلق بابت يا ذاتي اٿڻي ويهڻي بابت کوجنا ڪرڻ جي گهرج آهي. نانڪ يوسف جي طالبن مثال طور: حاجي عبدالله فقير، ڍنڍڻ فقير ناريجو، الهداد فقير (اُٺ فقير)، بلو فقير، باهو شاھ، حسن شاھ (پنجاب جا)، حيدر شاھ ڪيمياگر، وڌو فقير، مهوال فقير، دين شاھ، پير شاھ ۽ موتو فقير اڳڙن واري[12] جي سواءِ نالن جي ٻيو ڪو به تحقيقي مواد ڇاپي هيٺ نه اچي سگهيو آهي، هنن فقيرن بابت پڻ تحقيق جي گهڻي گهُرج آهي، ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽر تنوير عباسي چواڻي ته هنن فقيرن مان ڪي وقت جا مشهور شاعر به هئا ۽ هنن سمورن تي نانڪ يوسف جي شاعراڻي ۽ صوفياڻي فڪر جو اثر غالب آهي. جڏهن ته فقير سائينءَ جي هڪ طالب فقير غلام حيدر شر بابت ڪجھ تحقيقي ڪم ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ هُن جي ڪلام جي سهيڙ پڻ شامل آهي، پر تنهن هوندي به اُن بابت پڻ وڌيڪ کوجنا جي گهُرج آهي.

• نانڪ يوسف پنهنجي روحاني رهبر سچل سائينءَ جي چوڻ تي امرتسر تائين جو سفر ڪيو ۽ اُتي ڪجھ وقت ترسيو، جنهن کان پوءِ واپس موٽي آيو هن اُن سفر دؤران هنديءَ ۾ ٻاٽيون لکيون، جن مان ۵۶ ٻاٽيون ڊاڪٽر تنوير جي ترتيب ڏنل رسالي ۾ شامل آهن. پر منهنجو ذاتي خيال آهي ته، فقير سائينءَ جو هي هندي ڪلام گهٽ آهي، وڌيڪ ڪلام جي انهن علائقن ۾ ڳولها جي ضرورت آهي، جن علائقن ۾ فقير صاحب ويو آهي.

• هن وقت تائين ڇاپي ڪلام ۾ نانڪ يوسف جي فارسي زبان ۾ چيل شعر بابت ڪوبه ذڪر موجود نه آهي. جڏهن ته سنڌس روحاني رهبر سچل سرمست ۽ همعصر صحبتي فقير قادر بخش بيدل فارسيءَ جا وڏا شاعر آهن ۽ نانڪ يوسف خود سنڌي، سرائڪيءَ کان سواءِ هندي ۽ بلوچيءَ ۾ پڻ ڪلام چيو آهي، پر سندس فارسي ڪلام جو ڪو پڪو پختو ڏس نٿو ملي. محترم ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي پنهنجي ڪتاب ۾ کيس سنڌي، سرائڪي، هندي، پنجابي ۽ فارسيءَ جو شاعر ڪوٺيو آهي.[13] پر پاڻ پنهنجي تحقيق ۾ ڪٿي به سندس فارسي شعر نه شامل ڪيو آهي، جڏهن ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

'نانڪ يوسف جي ڪلام جي قلمي نسخي' ۾ فقير سائينءَ جي نالي منسوب ٣ فارسي غزل شامل آهن. جن بابت جوڳي تحقيق جي ضرورت آهي، تنهن ڪري ڇاپي رسالي جي ٻئي ايڊيشن واري ضميمن ۾ اُن فارسي ڪلام ڪي شامل نہ ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو هن معاملي بابت ڇنڊ ڇاڻ جي سخت ضرورت آهي. (هن مقالي جي ضميمي ۾ اُهي ٣ فارسي غزل شامل ڪيا وڃن ٿا.)

نانڪ يوسف بابت هن وقت تائين ميان موسيٰ سومري، چيتمل پرسرام، ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪم کان سواءِ ڪو وڏيڪ تحقيقي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي، تنهن ڪري ئي ڪيترائي رخ تحقيق جي اوسيئڙي ۾ آهن. فقير سائين پنهنجي وقت جو فني ۽ فڪري حوالي سان هڪ اهم شاعر ڏسجي ٿو. سندس سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ ۾ ڪمال جي رواني ۽ ترنم موجود آهي، جنهن ڪي هڪ عام پڙهندڙ بہ پڙهندي ايئن محسوس ڪري ٿو تہ، ڄڻ هو سندس ڪلام ڳائي رهيو آهي. هن جي شاعريءَ جي موضوعن ۾ تصوف جا سمورا مضمون سمايل آهن. جن ۾ هو طلب کان ويندي فنا ۽ بقا تائينءَ جو سڄو فلسفو نهايت ئي دلنشين ۽ دلپذير انداز سان آڻي ٿو:

سوئي تان گم ٿيوسين، جنهن پانئيو ٿي جوئي آهيان.

عشق اناالحق ٻولي ٻولي، هينئڙي هُل پيوسين،
نانڪ يوسف يار سڄل جي، نانگ نينهن نيوسين.
(ص ٩١)

پنهنجا حڪم تو پاڻ هلائين، يار آءُ تہ ناهيان وچ ۾،

ڪاڏهن آدم، شيث ۽ يونس، عشق زليخا ڪاڏهن يوسف،
سڀ ڪيڏون پاڻ ڪيڏائين.
(ص ٨٧)

آدم هي اسرار الاهي، بن تن آيا روپ متايا.
(ص ١٩٩)

دم هـــي دم هـــي دم هـــي دم هـــي،
خاڪي پوش پهر ڪي آيا بن اسرار آدم هي.
(ص ٢٠٠)





سُونهن، سِڪَ شاعريءَ جو بنياد آهن، جنهن کان سواءِ شاعر جو وجدان ڄڻ مڪمل ئي نٿو ٿئي. عشق جون آزيون نيازيون، بيقراريون ۽ حُسن وارن جون ادائون ۽ ارڏايون هڪ عاشق شاعر جي دل تي بار بار وار ٿيون ڪن. نانڪ يوسف بہ هڪ حساس دل رکندڙ سُونهن پسند شاعر آهي، هُن جي شاعريءَ ۾ بہ حُسناڪيءَ جا ڪيترائي نازڪ خيال موجود آهن.

نازون نيڻ نواز ڪريندي، عاشق ويڪ نيازي،
حال حليمي درد مندان دل، دم دم سوز گدازي،
ترس ڪريندي سر يتيمان، دانهن دوست درازي،
نانڪ يوسف يار دي ياري، برها برهہ بازي.
(ص ١٤٢)

نانڪ يوسف يار ديان رمزان، سمجھ ڪنان ڳل آئي
(ص ١٤٣)

ٿا ٿا عشق نچايا ڪر ڪي ٿيان ٿيان

الٽيان سلٽيان بازيان ڏيندا،
مشڪل سمجهڻ پيان.
(ص ١٩٧)

فقير نانڪ جو ڪلام پنهنجي دؤر جي حالتن جي بہ ڀرپور ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو. هُن حساس ۽ ذميوار شاعر طور سنڌ تي ڌارين حڪمرانن جي قبضي خلاف پنهنجي سطح تي مزاحمت ڪئي آهي ۽ اها اُن دؤر جي هڪ وڏي ڳالهہ تصور ڪري سگهجي ٿي. اُن کان سواءِ سندس شعر جو اسلوب توڙي ٻوليءَ جو بي ساختہ استعمال ۽ اُن ۾ سمايل فڪر بنيادي طرح فرد جي ذاتي حيثيت ڪي اجاگر ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ هُو پنهنجي مرشد سچل سرمست جيان اُن ڳالهہ جو قائل هو، تہ انسان ڪائنات ۾ ذاتي طرح هڪ خاص رُتبو ۽ مرتبو رکي ٿو، تنهن ڪري اُن جي تذليل يا اُن ڪي اخلاقي بيمارين ۾ مبتلا ڪرڻ يا اُن ڪي پنهنجي اثر هيٺ رکڻ جهڙا ناڪاري رويا بنيادي طرح خدا تعاليٰ طرفان انسان ڪي مليل اُن مان، مرتبي جي نفي آهي. تنهن ڪري هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح ڪائنات ۾ مقرر ٿيل انسان جي رُتبي جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳالهه ڪئي آهي:

هم خدا مين گم، خدا هم مين درد ديوان هي،
دوسرا ڪوئي نہ ديکها، سرسري انسان هي،
بي رنگي مئون رنگ بڻايا، خاڪي گل سبحان هي.
(ص ٢٢٧)

## نتيجا:

نانڪ يوسف متعلق اڳ ٿيل تحقيق بابت هي اپياس ان ڪري ڪيو ويو، جو نانڪ نہ فقط شاهہ سچل کان پوءِ موسيقيءَ جي حوالي سان هڪ اهم شاعر آهي، پر سندس ڪلام ۾ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جا بہ ڪيترائي منفرد نمونا ملن ٿا، تہ ٻئي طرف سنڌي، سرائڪي ڪافيءَ کي هن خطي ۾ فني ۽ فڪري حوالي سان اوج ۽ عروج سچل سرمست ڏنو، هن جي ڪافين ۾ ٣٠ سُر شامل آهن. جن مان ١١ سُر هن کان اڳ شاهہ لطيف جي رسالي ۾ موجود آهن. جڏهن تہ ١٩ سُر سچل سائين پهريون پيرو سنڌي ۾ متعارف ڪرايا، ان کان سواءِ سندس ڪافين ۾ مختلف گهاڙيٽن جا ٦٨ ڪن نمونا موجود آهن.[١٤] جڏهن تہ درازي شاهہ جي عقيدت مند فقير قادر بخش بيدل بہ ڪافي کي بلندين تائين پهچايو. هن بہ سنڌي سرائڪي ڪافين ۾ ١٨ سُر شامل ڪيا، جن مان ١١ سُر شاهہ لطيف وارا ۽ ٦ سُر سچل سائين جا آهن. جڏهن تہ هڪ سُر 'نٽ ڪلياڻ' سندس انفراديت آهي.[١٥] تہ گڏوگڏ سندس ڪافين ۾ ٥٤ گهاڙيٽا موجود آهن، جن مان ١٣ گهاڙيٽا سچل سائين وارا ساڳيا آهن، جڏهن تہ ٤١ گهاڙيٽا سندس نوان جوڙيل آهن.[١٦] نانڪ يوسف، سچل سرمست جو طالب ۽ بيدل سائينءَ جو صحبتي هو. هن جي ڪافين ۾ بہ سُر ۽ گهاڙيٽن جو نئون نڪور جهان موجود آهي، ان کان سواءِ موسيقي جي روايت ۽ سچل سائينءَ جي گهاڙيٽن جي تقليد سان گڏوگڏ سندس ڪلام ۾ نواڻ ۽ انفراديت بہ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ، نانڪ يوسف جي ڪلام بابت هڪ مڪمل علمي کوجنا ٿيڻ گهرجي.

- نانڪ يوسف بابت اپياس کان پوءِ هيٺين ڳالهين جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي:
- نانڪ يوسف سنڌي موسيقيءَ جي حوالي سان شاهہ سچل کان پوءِ ٽيون وڏو اهم شاعر ڏسجي ٿو، تنهن ڪري ان جي ڪلام ۾ موجود موسيقيءَ تي هڪ جدا موضوع هيٺ بحث ڪيو وڃي.
- ساڳي وقت سندس ڪلام کي مختلف راڳ، راڳڻين جي سِري هيٺ ورڇي نئين سِر ترتيب ڏنو وڃي.
- سندس مختلف زبانن ۾ ڇپيل ڪلام کان سواءِ وڌيڪ ڪلام جي ڳولها ڪئي وڃي. خاص طور سندس فارسي ڪلام طرف توجهہ ڏيڻ جي ضرورت آهي.
- سندس زندگي بابت وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي، جنهن ۾ سندس صحبتي ۽ طالبن بابت مطالعو ڪيو وڃي.
- سندس ڪلام جي لغت جوڙي رسالي جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪئي وڃي.
- سندس ڪلام بابت وڌيڪ قلمي بياضن جي کوجنا ڪرڻ گهرجي.

## ضميمو:

نانڪ يوسف جي فارسي شاعري:

### غزل

ساغر خمر و شراب يڪي ساقي از بزم
طبلہ طنبور تا يڪي درد دل بزم
کان سياهہ پوش مبوسن سبز و سرخ سفيد
آنکس گرفت دل من کو ديگري رزم
شمشير دست دوره زيرش چنان چنان
همہ رقص کنان رفتن خنده بز بزم
منصور شيخ عطار چنان شمس هو الحق
بردار بود قهقهہ معراج جان شزم
'نانڪ' نظر محمد معراج هرکسي
يوسف غريق در آن بنگر جزم جزم

### غزل

صد گون بہ تماشہ آمد يار آنگہ خفي بود
برمن چون گنهگار از ازل شفي بود

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

باگل چو رفا بورم ميثاق من سبق
در حيرت ايم عبرت آن کو کہ رفي بود
دان آنکہ خدا گفت کفا باالله وکيلا
ولله کہ رمي دل من باکف نہ کفي بود
بايار بود سابق دل تخت براين جم
بوده بجان عريان اين نون نفي بود
نک نون نبود آنجا يوسف غريب کو
خود بود هوالله صفا صاف صفي بود

## غزل

در انتظار هايت دل را بسو ختيم
بهر خدا نگارا دل با تو روختيم
از من خطا برفت تو صاحب عطا
بست زلف فريب در تار سوفتيم
هاروت نميچنان چون ماروت حال شان
در درد بلائي تو خدارا بروفتيم
مئي ناب چهره ساغر سابق غريب را
عجز از بسي نيازي هم درد دوستيم

فرياد چونکہ اره باچون چون کند
دمدم چہ گو يمت کہ توئي جان جوفتيم
کہ از روءِ خلق هائي خدارا پناهہ رو
صاحب دراز حضرت من بنده اوستيم
اين نون روکہ ’نانڪ‘ صفت يک يار يوسف صفت
پير مغان بہ تن من بستان بوستيم

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## حوالا


١. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ضميما: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ’نانڪ يوسف جو ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٻيو ڇاپو، ٢٠١٤ع، ص: ٣٣٥.







٢. ساڳيو، ص: ٤٩-٤٨.
٣. نانڪ يوسف جي ڪلام جو قلمي نسخو (ملڪيت: ڊاڪٽر مخمور بخاري، هالا.)
٤. نانڪ يوسف جي ڪافين جو ذخيرو (قلمي)، (ملڪيت: انجنيئر سيد عبدالحسين شاهه موسوي، روهڙي، ڪراچي، فوٽو ڪاپي راقم وٽ بہ موجود.)
٥. ڏهر، محمد پنهل، فقير نانڪ يوسف جو اڻڇپيل ۽ ناياب ڪلام (مقالو)، (ليکڪ جي هٿ لکيل ڪاپي.)
٦. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ضميما: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ’نانڪ يوسف جو ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٻيو ڇاپو، ٢٠١٤ع، ص: ٣٨.
٧. ساڳيو، ص: ٤٨٧.
٨. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’سنڌي موسيقي جي تاريخ‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٣ع، ص: ٢٦٣.
٩. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’ڪافيون‘، (جلد ڇهريون)، مختلف صفحا، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ١٩٨٢ع.
١٠. بياض شير محمد فاروقي (قلمي). (نوٽ: سچل سرمست جي فارسي شاعري جي هن بياض ۾ مختلف جاين تي حاشين ۾ سچل سائين ۽ نانڪ يوسف جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام بہ لکيل آهي. هي نسخو خاص اهميت جي لائق آهي ڇاڪاڻ جو سرمست سائين جي رحلت ١١٤٢ه / ١٨٢٧ع کان پنجن سالن کان پوءِ هي بياض لکيو ويو ۽ ان وقت نانڪ يوسف خود حيات هو.)
١١. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’سنڌي موسيقي جي تاريخ‘، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٣ع، ص: ٤١ — ٣٤٠.
١٢. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ضميما: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ’نانڪ يوسف جو ڪلام‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، ٻيو ڇاپو، ٢٠١٤ع، ص: ٢٠.
١٣. گلراجاڻي، ڄيٺمل پرسرام، ’نانڪ يوسف‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٠.
١٤. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، ’سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١١ع، ص: ١٠٩-١٣٣.
١٥. درگاهي، اختر، ’بيدل سائين جو رسالو‘، بيدل يادگار ڪميٽي، ٢٠١١ع، ص: ١٢٣.
١٦. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، ’بيدل سائين جي ڪافي جو فني جائزو‘، بيدل ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو، ٢٠١٥ع، (قلمي).


(**نوٽ:** هن مقالي ۾ فقير نانڪ يوسف جي ڪلام جي مثالن لاءِ مانَ واري ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ترتيب ڏنل ’نانڪ يوسف جو ڪلام‘ اڳيان رکيو ويو آهي.)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair